# سنڌ آرڊيننس نمبر XXI مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 2002
# سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 2002
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (FOURTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVII جي دفعه 111 جي ترميم

Amendment of section 111 of Sindh Ordinance XXVII of 2001

3. 2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي ٻئي شيڊول جي ترميم

Amendment of Second Schedule of Sindh Ordinance XXVI of 2001

# سنڌ آرڊيننس نمبر XXI مجريه 2002
# SINDH ORDINANCE NO.XXI OF 2002
## سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 2002
## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (FOURTH AMENDMENT) ORDINANCE, 2002

[28 جون 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن ته سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ مڪاني حڪومت (چوٿين ترميم) آرڊيننس، 2002 سڏيو ويندو.

Short title and commencement

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVII جي دفعہ 111 جي ترميم

Amendment of section 111 of Sindh Ordinance XXVII of 2001

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس 2001 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بہ ڄاڻايو آرڊيننس سڏيو ويندو، ان جي دفعہ 111 جي ذيلي دفعہ (4) ۾ لفظ "کاتيوار" ۽ لفظ "جيئن" وچ ۾ لفظ ۽ کامائون "، سواءِ يوٽيليٽيز جي." شامل ڪيا ويندا.

2001 جي سنڌ آرڊيننس XXVI جي ٻئي شيڊول جي ترميم

Amendment of Second Schedule of Sindh Ordinance XXVI of 2001

3. ڄاڻايل آرڊيننس جي ٻئي شيڊول ۾:

(i) حصي II ۾، جريان نمبر 10 کانپوءِ، هيٺيون اضافو ڪيو ويندو:

"11. مال پڙي جانورن جي وڪري تي في."

(ii) حصي III ۾ جريان نمبر 2 ۾ اندراج کي ختم ڪيو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**